سَدا ساريان سُپرين

ڪمل پياسي

سَدا ساربان سُپرين

(هري جيون ساهتيه جي ٽئين ڀيٽ)

آشيرواد:

سري مهنت بابا شيوارام صاحب

بابا هري رام صاحب اُداسين

ڀيلواڙا (راجستان)

سنگرهه ڪندڙ:

ڪمل ميوارام ڪيولراماڻي 'پياسي'

ڀڙوچ (گجرات)

ٽنهنجي ٽات طاب



سنت سرمور بابا هريرام صاحب اُداسين

جنم :
٢١ مانگهه ١٩٣٣

برهم لين :
٢٩ چيٽ ٢٠٠٤

هري رام، هري اوم، هري سمرڻ ڪيون ٿا،
اٺوپهر ساڪيات اسين توکي ڏسون ٿا،
ڏيندو تو رهين پاڻ اسين جو ٻيو گهرون ٿا،
سؤ بار نمون ٿا، اسين سؤ بار نمون ٿا.

ڪمل پياسي

سدا ساريان سپرين

(ٻاٻاڄن جي اُستتيءَ ۾ رچيل گيتن جو گٽڪو)

آشيرواد :

سري مهنت ٻاٻا شيوارام صاحب

ٻاٻا هريرام صاحب اُداسين، ڀيلواڙا (راجستان)

سنگرهه ڪندڙ :

ڪمل ميوارام ڪيولراماڻي ’ پياسي ‘

فشريز ڊپارٽمينٽ - گورنمينٽ آف گجرات

ڀڙوچ (گجرات)

سمپادڪ ۽ پرڪاشڪ :

هاسارام جيسارام ڪيولراماڻي

هري جيون ساهتيه، هري شيوادام،

ڀوپال گنج، ڀيلواڙا (راجستان)

ڇاپو پهريون
سال - ١٩٧٨

ڪاپيون - هڪ هزار
مُلهه - شردا ۽ آسيس

سهڪار ۽ سيڄهه :

سوامي گنگارام ٻاٻا شيوارام صاحب، ڀيلواڙا

سوامي آگيارام ٻاٻا شيوارام صاحب، ڀيلواڙا

سمرپن

گر ديو
جي چرن ڪملن ۾
سَدا سارِيان سُپرين

ڪمل 'پياسي'

نماڻي مورٽي نرمان



سري مهنت بابا شيوارام صاحب

ستگر پنهنجي شش سچي ۾ ائين ڪيو ڀر واس
اڄ کان اڳرو ڪري ڇڏيائون پنهنجو نور نواس

ڪمل پياسي

وشيه سوچي

آشير واد

پياري ڪمل تحقيق ڀارُ سوکيو آهي. جڏهن 'هري جيون ساهتيه' جو ٻيو پستڪ 'سنمک منهنجا سپرڀن' پرڪاش ٿيو ته اسان آشا ظاهر ڪئي ته جهڙو نالو اٿس ڪمل ٿهڙائي گل اڳتي پڻ پرگهٽ ڪندو رهندو ۽ برابر سال اندر هن انوکي پشپ مالها تيار ڪري اسانجي هٿن ۾ ڏني آهي. پنهنجي ستگرن جا گڻ جيترا ڳائجن اوترا ٿورا آهن. هن پستڪ ۾ شرڌالو پريمين، ڀرسڌ ڪوين ۽ نامور ڀڳتن بابا جن لئي پنهنجي شرڌا جا ڦول چاڙهيا آهن. شل هيءَ سڀني جي گڏيل ڀيٽ سپرڀن جي در قبول پوي ۽ سنگت ڪندڙ جو لاڀو سڄايو ٿئي.

(بابا شيوارام بابا هرنام اداسين)

هري شيوادام، ڀيلواڙا.
۲۹ جنوري ۱۹۷۸

مهر جو مالڪ ڏٺي



ڳٽڪاري ڪر رب ڏٺي، جنهن آپ ۾ اندلت،
ٻيوس جو وس ٿيندي آهي، هيءَ وچتر لهنجي لت.

ڪمل پياسي

باباجن جي سکيا جو سار

(١) ٻاٽي (گرواٽي يا ٻدواٽي) کٽڻ ۽ ناٽو ڇڏيو .

(٢) واندو ويهي وقت نه وڃايو . هٿ سان هاج ڪر ۽ مک سان ٻاٽي اچار .

(٣) هيٺين ٽن کي وڏيري ڄاڻي انهن کان پاسو ڪر :
چوري ،
ياري (پر نارين سان يارٽي) ،
مٿيا (ڪوڙ) .

(٤) ڏن اڻيئي ڏوڙ . ڏوڙ کي وجهه ڏوڙ (زمين) ۾ ۽ پوءِ ٻاڻ ٻه کاءُ ۽ ٻين کي ٻه کاراءِ .

(٥) قناعت ڪر . هڪ سکي ونڊڻ لي ۽ دل ٽپئي نه اول ٻاڻ کان ٻيچ نه ان جي ضرورت آهي ، ان جي رکڻ جي جڳهه آهي .

(٦) ڏيڻ ، ڏکين ۽ ڏرڏين جي سيوا ڪرڻ ۽ هڪ اتم ڀڳتي آهي .

(٧) ٻنهيءَ کي ٻئيءَ ۾ ، ٻار کي مالا ٻنا ۾ ۽ ڇيلي کي گروءَ ۾ اڻل شرڌا رکڻ سان چار ئي پدارٿ گهر اندر ٻرابت ٿين ٿا ۽ ڪٿين ٻاهر ڀٽڪڻ ٻالرا ڪرڻ جي ٻه ضرورت نٿي رهي .

ڀومڪا

ايشور ۽ درويش ۾ ڪير ڪو فرق آهي. پرماتما پنهنجن ڀڳتن ۾ واسو ڪري هن چلتي ڦرلتي جيو کي، چلتي ڦرلتي روپ ۾ درشن ڪرائي ٿو. ايشور آهي اگم شڪتي ۽ ان شڪتيءَ کي وس ڪرڻ کانپوءِ هڪ پرم ڀڳت جي آتما بدلجي پرم آتما ٿيو پوي ۽ اهڙن پر آتمائن مان هو اسانجو پرم پيارو، لعل لاکيڻو، سنت سرومڻي بابا هرسرام صاحب.

باباجن جو جنم سنڌ جي هڪ ننڍي ڳوٺ ٺڪو ٻهڻ خيرپور رياست ۾ سال ١٨٦٩ع ۾ ٿيو ۽ هندستان جي ورهاڱي کان اڳ ئي وڪنٺ ڌام پڌاريا. اهو عالم آشڪار آهي ته باباجن پنهنجي ديهه پاڻ پنهنجي مرضيءَ موجب ڇڏي. سال ١٩٤٧ع جڏهن شروع ٿيو ۽ پاڪستان ٺهڻ جون ڳالهيون زور شور سان ٿي هليون ته هندن لاءِ اهو سوال اٿيو ته هاڻي سنڌ ڇڏڻي پوندي. باباجن انهن کي صفا چيو ته نه اسين پاڪستان ڏسنداسين ۽ نه اهڙي نوبت سر تي ايندي. وڪ جهڙو سنڌن سرلو هو جو ٿوري ئي وقت اندر سائيءَ جي دک سبب نستو ٿي پيو ۽ جون مهيني جي ١٩ تاريخ جوتي جوت سمايا.

باباجن جمندي ڄام هئا. سنڌن گورو سوامي ڪرپارام رٽن ڏيندي هڪ ڏينهن ٺڪو ٻهڻ پڌاريا ۽ باباجن جي پتا ڀائي ٽلورام جي اوطاق ۾ آسڻ ڪيائون. باباجن ان وقت ١٢ مهنن جا ٻالڪ هئا جو سوامي ڪرپارام جن جي مٿن نظر پئي ۽ ٻالڪ جو جلوو ڏسي پڇيائون: ”هيءُ ٻالڪ ڪنهن جو آهي.“ ڀائي ٽلورام ٻه چيو: ”سائين توهان جو.“

وستو سوڪار ڪرڻ کان انڪار ڪيو جو ڏسي راھ ڀھادر
دل گم رھجي ويو.

ڪام کي ٻه نديءَ ٻي اوستا ۾ انھن جھڙي لکھوسار ڪيائون جو وري ان ڳُر نه ڪيا. ھڪ ڏينھن پنھنجي ستگرن جي ڪٿا ٻڌندي، ڪام پڙڪو ڪاڏن. ٿيو ڏاڍي ٻر واري واڙي ۾ وڃي اندريءَ ۾ سڙو ٿيائون. رت نيڻن مان ڪري وھيو ۽ پٽي ٻڌي ساوڌان ٿي وري اچي ڪٿا ۾ ويٺا.

٢٥ ورھين جي جوان عمر ۾ باباجن گديءَ تي ويٺا. سوامي ڪرپارام جي ڏينھن ۾ دربار صاحب جي خاص پيداش گرھستي گھرن جي ٻڌائن مان ٿيندي ھئي ۽ پنڇائتو ملندو ھو. دربار صاحب جي ڏينديءَ ۾ چلم رکيل ھوندي ھئي جتي پنھنج اچي مڙندا ھئا ۽ چلم مان ڦوڪون به پيا ڀريندا ۽ پرائي ويچار به پيا ڪندا. باباجن چلم ڪٽائي ڇڏي. پنھنج ڏمريا. ٻڌائين ٻند ڪرڻ جا ڏڙڪا ڏنائون. باباجن مورڳو اھي ٻڌائين وارن ٻنڌن جا ماڻي واھ ۾ لوڙاھي ڇڏيون. دربار صاحب جي خرچ کي منھن ڏيڻ لاءِ نديڙو زمين جو ٽڪر ورتائون جتي ٻاڻ پنھنجن چيلن سان گڏ محنت ڪندا ھئا ۽ جيڪي پراڻي دوشن ڪرڻ لاءِ ايندا ھئن تن کي به ھاج ۾ لڳائيندا ھئا ۽ انھن انھن ۾ ھٿ، سان پورھيو ڪرڻ جي گڻ جو اڀج ڇٽيندا ھئا.

باباجن ونڻ کان ڏيڻ پسند ڪندا ھئا. ھن کي ڪائڻ کان ڪارائڻ ۾ وڌو آنند ايندو ھو. ڪٿن زور زور ڪري نه پيئندڙن کي ڀرڻ ڪير ۽ ڏڌ پيارينداھئا ۽ سڀني کي ڀويو مکڻ ڪارائيندا ھئا، ان جا ھر ھڪ پراڻيءَ کي پنھنجا پنھنجا داستان آھن. ٽازو سوامي گنگاداس حال رھندڙ پوپال پنھن

۽ اهو بالڪ جنهن جي جنم جو نالو جيوت هو سو سچ پچ
سوامي ڪرپارام جن جو ئي پيو ۽ نون ورهين لائين پاڻ
وٽ امانت رکي وڏو ڪري پوءِ نوارام بالڪ کي دربار
صاحب ۾ پهچائي آيو.

شروع کان وٺي باباجن پنهنجي گرن جي واهه جا شيوا
ڪئي ۽ گرن ۾ مٺس پرسن ٿي کين اڌي چڙهيو. سندس نالو
جيوت مان ڦيرائي هرنام رکيائون. جئن لوهه پارس لڳڻ
سان سون ٿي پوي تئن باباجن ۾ سوامي ڪرپارام جي سنگ
۾ رهي سچا سادڪ ٿيا.

پارهاري گر آپڻي ڏنهن هاڙي سو وار،
جن مانس ٿي ديوتي ڪئي، ڪرت نه لاڳي وار.

توري ٿي وقت اندر باباجن اهي گڻ گرهڻ ڪيا جي
ڪنهن مهان ورڪت ۽ تياڳيءَ ۾ هجن جهڙوڪ لڪ ڀڳتا، ڪنهن
جي ڏاڍ نه ڪيڻ ۽ سادي جيون لاءِ آئي پريم. راءِ بهادر
ڪوڙومل نه رڳو پرانن ڳوٺ جو مديو هو پر ساري سنڌ جو
ناميارو ساهتيڪار ۽ ڀڳتي اڳوان ٿيو هو. ڪنهن پرماڻيءَ سان گڏ
سوامي ڪرپارام جن وٽ آيو ۽ سوامي جن کي وينتي ڪيائين
ته ان پرماڻيءَ جي گهر گرو گرنٿ صاحب جو پاٺ صاحب
رکن. سوامي ڪرپارام باباجن ڏانهن اشارو ڪيو جو پاٺ جو
پربند ان کي ڪرڻو هو. باباجن ٻي ڏينهن ڪڍي ڏنس ته
پاٺ صاحب رکنداسين پر هنن شرطن تي: (۱) پاٺ صاحب
دربار صاحب ۾ رکيو ويندو (۲) پاٺ صاحب پنهنجيءَ
مرضيءَ ٿي پڙهبو ۽ پوڄا به پنهنجيءَ مرضيءَ ٿي پائبو.
(۳) پوڄا ٿي جي وستر ڏيندا سي ڪوري باف يا کاڌيءَ
جا هوندا. پاٺ صاحب رکيو ويو ۽ جڏهن پوڄا پيو ته پرماڻين
اچي سڳين ڏوڪي ۽ ريشمي ڪپڙو پيش ڪيا. باباجن اهي

نول ڪوناٽي حال رهندڙ ٻمڻي ٻڌايو ته سندس ڏاڏي ديوان هرداسمل کي پنجعيدن ۾ هڪ جاءِ هئي جتي ڪمن 'جنن' ڏايو ستايو. ونن ڪي نوڪر رکيل هئا. ٻيو ڪو حيلو نه ڏسي ديوان هرداسمل باباجن وٽ ويو. پرٿائين باباجن کيس ڏسي چيو: ”ڪٿن ديوان، جنن آندو اٿئي ڇا؟ ڪڍ نوڪرن کي ته جن به ڀڄي وڃن.“ باباجن نه رکيو سندس دل جو حال جاڻي ورتو پر حال پڻ ٻڌايائونس. حقيقت ۾ ساري حرڪت نوڪرن جي هئي جن جنن جو ٻولو ڪڙو ڪري مالڪن کي جاءِ ڇڏائڻ جي سٽ سٽي هئي.

ڪراچيءَ ۾ پيادل گهمندي هڪ گهر اڳيان لانگهائو ٿين ٿا. اندران درد جا ڪيڪرات سڏن ڪڻ لي پون ٿا. هوُ انڪي ٻڌي ٿا رهن. شيواڌاريءَ کي گهر اندر احوال وٺي اچڻ لاءِ موڪلين ٿا. ٻالڪي ڦرڙيءَ جي سوُر کان بي چين ٿي چلائي رهي آهي. گهر جا ٻالي کين وٺي ڪري اندر وٺي وڃن ٿا. باباجن پنهنجي اَپار ڪرپا سان راحت ٿا بخش ڪن. ڪيڏا نه ديا جا ڀنڊار!

ديهن، دکين ۽ دردمندن جي شيوا کي ايشور جي پوڄيءَ برابر سمجهندا هئا. سال ١٩٢١ع ۾ جڏهن ناروشاه ۾ ڪالرا اچي پئي ته باباجن پاڻ ٽولا ٺهرائي ڪالرا جي دردمندن جي شيوا ۾ لڳايا. وري سال ١٩٣١-٣٠ ۾ جڏهن ساهتيءَ جي ڪيترن ڳوٺن ۾ ڇِرَ ڪاهي آئي ۽ هزارين کيت ۽ گهر پاڻيءَ هيٺ اچي ويا ته باباجن ڏينهن رات هڪ ڪري ڏنو. هڪ هٿ ۾ لٺ ۽ ٻئي هٿ ۾ جتي ڪٽي جهڳڙ جهاڳيندا بيواهن جي واهر ڪرڻ لاءِ هڪ هنڌان ٻئي هنڌ پيا ڦرندا هئا. ڪجهه وقت نه پرين ۽ ناروشاهه جي وچ ۾ ٻيڙيءَ ۾ چڙهي آس پاس جي کيتن جي پرگهور لڌائون. انهن ٻهي ڳوٺن لاءِ

جي هڪ اهڙي عجيب آزمودي جو ورنن ڪيو آهي. تاروشاهه ۾ سوامي ٽيئونرام جي هڪ چيلي سنت ليکراج سان گڏ باباجن وٽ ويا. ڪجهه وارتالاپ ڪري جڏهن اٿڻ لڳا ته باباجن کين ڏڌ ٻوڙيو کائي وڃڻ لاءِ چيو. گنگاداس چون ٿا ته ٻارهن ٿيا آهن. جتي لٿا آهيون اُتي رسوئي تيار هوندي. پر باباجن ورِي به چيو ته ٿورو ڏڌ ٻوڙيو کائي وڃو. ان تي ورِي سنت ليکراج وراڻيو ته سائين ڏينهن ٿو لڳي، دير ٿي ويندي؛ ائين چئي هلڻ لڳا ته باباجن هڪل ڪري چيو: 'او بي نصيب کائي وڃو.' پوءِ ته ٻئي کڪا وڪا ٿي ويهي رهيا. شيواڌاري ٻنهي لاءِ وڏو ڪٽورو ڏڌ جو؛ ٻوڙيو جوئر جو ڪٽي آيو جو پيٽ ڀري، کاڌائون؛ اڄ به سوامي گنگاداس ان واقع کي ياد ڪري پيو نوي.

ائين نشڪام شيوا ڪندي، انهد ٻاڻيءَ جو جاپ جپيندي، سوارٿي جو تياڳ ڪري، اٽل دريا سان برهمچريه جو ورت پاليندي، باباجن پنهنجي انتهڪرڻ جي اها شدي پراپت ڪئي جو ساري برهمانڊ جي هرڪا چرپر کين ائين پسندي هئي جڻڪ سامهون سئنيما جي پردي تي کيل هجي. اهو ئي ڪارڻ هو جو هو ٻين جي دل جو حال سواءِ انهن جي ڪهڻ جي پروڙي سگهندا هئا؛ دکيءَ وٽ سواءِ ڪوٺ جي پهچي ويندا هئا. اهڙا ڪئين مثال 'سنمک مهجا سپرسن' ۾ آيل آهن. سچا سنت ٻئي جو دک سهي ڪين سگهن. سنساري جيو ته دک ڏسي اکين ٻوٽ ڪن پر اهي مهاتمائون آهن جي ٻين جي دک ۾ دکي ٿين ٿا، چو ته سندن انتهڪرڻ اهڙو شد آهي جو ٻين جي آتما جو عڪس سندن آتما ۾ پوي ٿو. هڪ دفعو دکيءَ کي ڏٺائون ته سندس دک نورت ڪرڻ کانسواءِ رهي ڪين سگهندا.

ماڻهو علو ڪاساني ڪڏهن ڪڏهن دربار صاحب ۾ ولي ايندو
هو ۽ باباجن کي هو ’گروجي‘ ڪري ڪوٺيندي هئي.
سڀئي ٻائي باباجن سعيدن کي ان کي لائق ورولي ڏيڻ جو پڻ
ڪم رکيو ۽ پاڻ انهيءَ ڪارڻ لاءِ پندرهن سؤ روپيه دربار
صاحب مان ڏيارائون. بابا شيوارام مشڪندي چيو ته پندرهن
سؤن جو انگ ٻڌي تنهن وقت جو ليکاري لعلچند ڏيڻ جي
نه پيو ڪري پر باباجن اڳيان ڪجهه ڪير. اهڙا پر اُپڪاري
هئا باباجن!

گرهستين جي جيون ۾ سڀئي سک جي اهلاڪا پيدا ڪرڻ ۽
ڪين اجائي سجائي خرچ کان روڪي ٿرشنائن کي اجهائڻ لاءِ
عجيب وغريب رمزون ٻڌائيندا هئا. سيٺ جهامنداس مهلواڻي
حال رهندڙ بمبئي، جو تنهن وقت ته لکين جو مالڪ هو،
تنهن کي جا سکيا ڏنائون سا اڄ ته سندس جيون ۾ ڪم
پئي ڪري. چيائونس: ”جڏهن ڪنهن به شيءِ لئي دل
ٿئي، پلي ان جو دام هڪ سئيءَ برابر هجي، پر خريد ڪرڻ
کان اول پاڻ کان پڇ: ”هن شيءِ جي ضرورت آهي؟ ان
لاءِ ڏهر ۾ رکڻ جي جڳهه آهي؟“

باباجن کي پنهنجي ڏاهيءَ سان ڪو به موه ڪونه هو.
عاشقن جيان مرڻ به مهاهدو سمجهندا هئا. پنهنجي اوائيءَ لاءِ
اچي ’ومان‘ ٺهرائيندي ناروشاه ۾ رکيائون. هڪ دفعي
ناروشاه باغ ۾ ڪم هلندي، مٽي پنجوُ هڪ هندان ڪٽي ٻئي
هند رکٽو هو. شيواڌارن نوڪرن ۾ پئي ليوار ته باباجن چيون:
”اٿين ته ڏاڍو وقت لڳي ويندو. هو ’ومان‘ پيو اٿو. ان
۾ گهڻي مٽي ڪٽي سگهندا. نيٺ به اچي پوءِ ان ۾ ’مٽي‘
ڪٽي آهي.“ سيئي جون دلئون پرچي آيون.

اهڙا مهاپرش سچ پچ وڃن ڪونه ٿا. هميشه اسان سان

ڪيڏو نه پاڻ پتوڙيائون. پوين جي وڏڙي سيد مراد علي شاهه ۽ نادرشاهه جي وڏڙي سيد عارب شاهه کي ڪڙو ڪري پنهنجي جوابداري محسوس ڪرايائون. اهين هندن ۽ مسلمانن کي يڪمشت ڪري ڳوٺن کي بند ٻڌايائون جنهن ڪري ٻئي ڳوٺ ٻوڏ کان بچي ويا.

ڇهر جي ڏينهن جون ڳالهيون ياد ڪندي بابا شيوارام باباجن جي پراڻيڪار جا اهي درشيه چٽ لڳا جو اڄ وسميءَ نٿي وڃي. دربار صاحب جي پرسان جهڪا گڏ هئي سا ڇهر جي پاڻيءَ سبب وڏي وهڪري سان وهڻ لڳي ۽ باباجن ان تي بند ٻڌائي دربار صاحب جي چيلن ۽ شيوادارن سان پاڻ به وقت بوقت پهرو ڏيندا هئا. هڪ ڏينهن ان بند تي براجمان هئا ته اچانڪ سندن نظر پرپان هڪ ڪاٺ جي بند تي وڃي پئي جنهن تي ڪو بار چمڙيل پئي اڳيو ۽ لڳيءَ وهڪ ۾ لڙهندو پئي ويو. جنهن ته وچ سير ۾ بند کي پهچڻ مشڪل هو سو باباجن ڪن همراهن کي ڊوڙي اڳيان جهلڻ لاءِ آگيا ڪئي جتي ڪنڌ جو مٿهن سوڙهو ٿي جاماٽي واهه ۾ پيو ٿي ۽ بند کي آڻي اٽڪ اچڻ ڪري همت ڪرڻ وڌيڪ آسان هو. پاڻ به پٺيان ان طرف ويا. برابر ڪاٺ جي بند جي رفتار ڍري ٿي ۽ همت ڪري ڪنهن سڄڻ بند کي ڪنهن تي آندو. تحقيق ٿي ته وهين جي ٻالڪي ان کي پاڪر پاڻي وهائل هئي ۽ خوف وچان ڪيڪرامت پئي ڪيائين. باباجن کيس پنهنجي اجهي ۾ ورتو. مسلمانڪو بار پئي لڳو سو پڇا ڪري کيس مائٽن جي حوالي ڪرڻ لاءِ سيد مراد علي شاهه تي بار رکيائون. جنهن ته مائٽن جو ڪو پتو ڪونه پيو، اها ٻالڪي سيدن جي حويليءَ ۾ وڏي ٿي. سندس نالو جيجي ٻائي رکيو ويو جو جيئندان مليو هوس. کيس سيدن جو

داس شيو ٿو ورني پڪاري
آءٌ توهان جي چرنن پياري.

....

جتي ڪٿي مان توکي پسنديان
هردي اندر سنگر سانڍيان
پنهنجي چرنن ۾ ڏيندم جاءِ.

سوامي گنگاداس جن جي جيون ۾ اڄ آهي جتي هر وقت هن ڪرپا لاءِ پڪاريو آهي. هن جي امنگن ۾ ڪيمڪواهي ڪيميائي آهي. هو رب رب ڪندو راهي بڻيو آهي، رهبر سان ملڻ لاءِ پڪاري ٿو. هن باباجن جي مهما کي ساراهيو آهي ۽ هن جيڪي ڏٺو ۽ پاتو ان کي لفظن جي لڙهيءَ ذريعي ظاهر ڪيو آهي:

نور نوراني هئا - لعل لاثاني هئا
ذرو جيان ڌياني هئا - بابا برهم گياني هئا
پاڻ پرماتما جو ورني اوتار آهيا
جيڪي ڏٺو مون، اهو ٿو ٻڌايان.

رشي رامديال ڪويءَ جو اظهار احساس کي جهنجهوري ٿو. هن ڪوتا ذريعي باباجن جي جيونيءَ تي روشني وڌي آهي. هن جي نظم ۾ سانوڻ تي پوندڙن جي وسڪار هوندي آهي. خيال لهندا آهن ۽ خواب جاڳي پوندا آهن، چو نه من جي تلوار اهي ٻئي اڙندي آهي:

تنهنجي گهر ۾ ورني اوتار - جائو باجهارو هڪ ٻار
چڙ نه چنڊ چڙهيو چمڪار - شهر سڄي ۾ ٿيو جهنڪار.

لالا نارائڻ ڪر جي حرفي اظهار ۾ شرڌانجليءَ جي پاوتا آهي. هو هڪ شانت سڀاءُ جو ڪوي هئڻ جي حالت ۾ من تي من ۾ لوچيندو ۽ لهندو رهيو آهي ۽ ان ڪري تي هن

آهن ۽ سڌ ۾ سڌ پيا ڏين. البت جسم جي روپ ۾ نه هئڻ سبب اسين ٻاڏايون ٿا. ڪين ياد ڪري لڙڪ ڳاڙيون ٿا. سندن گڏ ڳالهيون ٿا. اهڙا مهاپرش نه آهن نه به آهن ۽ پنهنجي پيارن جي سدائين رهبري ڪندا رهن ٿا. اهڙي سهڻن ڪي دل سدائين ٻٽي ساري. لڙ لڙ هن لاءِ لڙڪي ٿي. زبان سندن ساراهه جا شبد ٻٽي اچاري. صاحب جي ڪٿا ۾ قلم هلن ٿا. زبانون هلن ٿيون ۽ ماحول ۾ اهڙو ولولو ٿو پيدا ٿئي جو سنت جي ٻرهم ليلا کان پوءِ به دل، دماغ، جذبن ۽ احساس تي هنجي ڇانيا رهي ٿي. سندن اسٿتي ڪندي من اڇلون ٿو ماري. سمنڊ جي ڇولين جيان ڦر ڦر ڪري لهرون چڙهن ٿيون، من جي محل کي ڌُڻن ٿيون، دلهه جو درد مٽائن ٿيون، سرير کي سجاڳ ڪن ٿيون، احساس ۾ اُڇلون ٿيون اُٿن، جذبن ۾ نئين جوت ٿيون جاڳائين، اُڏاما اُڀرن ٿا ۽ اُمنگ ترنگ ٿين ٿا.

اهي سڀ نشانيون باباجن جي گدي بابا شيوارام جن جي گيتن ۾ ملن ٿيون. لالڻ لاءِ لکيل ۽ ٻول ٻول ۾ پڪار سان هن پنهنجي دل جي پارنا کي سنت سروميٽيءَ جي چرنن ۾ شبد روپي سوغات پيش ڪئي آهي. ڪهڙن نه دل پڇائيندڙ لفظن ۾ هو پڪار ڪن ٿا:

من ٿو منهنجو سدا ساري لوهان جي درشن کي
پيو ڪو ناهي مائٽ منهنجو لوهان ڪيو پنهنجي کي.
....
داس شيوي کي لانگهه اهائي ٻي ڪا ناهي ڪا
درشن پياسي سدا رهي ٿو راليان ۽ ڏينهان
....
سدائين مونکي آس لوهان جي
ٻي ڪا ناهي لانگهه ڪنهن جي

ڀڳتيءَ جي ٻول ۾ جھنجھنو پيو ھوندو ھو. مٺڪي ڳالهائڻ، ھر ڪنھن سان ھٿ جوڙي ڪري نمرتا ڏيکارڻ سندس آدرش جو ھڪ دائرو ھو. پنھنجي گيتن جي اظھار ۾ ھن صاف چيو آھي :

چوي مولڻ رکي وشواس، شرڻ ۾ جيڪو ايندو
بابا ھرنام سچ اُن جا، سدائين ڪرڻ ٿا ڪلياڻ.

ڀڳت پرمانند پيلواڙي ۾ باباڻن جي ڇت تي ڀڳتون وجھندي ھنن جي آسيس پائي، پنھنجي نشچنت وشواس کي اھڙو نه پڪو ڪيو جو ازخود ھن جي گيتن ۾ 'صاحب جي ساراھ' جي سرڪي سمانجي ويئي. 'سماڌيءَ واري سائينءَ'، ھن جي مٿان برڪت جون بوندون ڇٽيون. ھن ان کي چاکو ۽ جڏھن ھن چاکو تڏھن ئي پاتو ۽ پوءِ ڳايو. سندس گيتن ۾ اظھار سندس دل جي گھرائيءَ جو آواز آھي. گرو ڀڳتيءَ جي خيالن کي ولوڙي ھن پاونا جا پرن پرن شبد ھٿ ڪري انھن جون مالھائون ٺاھيون آھن ۽ ھو آھي جڏھن پنھنجي مٺي سر سان ڳائيندو ھو ته انھن ۾ رسيلي رس ٽپري ڇڏيندو ھو. ھو پاڻ ته پيو آسيس لاءِ ٻاڏائي، پر ھر ڪنھن لاءِ پيو آسيس گھري :

پرمانند پرڀين لي رحمت ڪندا
دک سک ۾ اچن کي سات ڏيندا
اھا آسيس ڪن، سدا ڦلن ڦولن
اھو وڏڙن جو وردان ھو
ڀيد نه جڻ ڀڳوان ھو.

ڀڳت ڪشن ڀھلاجراءِ ڀڳت پرمانند جو ساٿي ھو ۽ ساڳي راھ تي ھلي ناٽڪي علم ۾ پيارو ڪيو آھي. ھو سچ پچ 'ڪرشن جي ليلا' ڏيکاري باباڻن جي ھر ھڪ ٽڪيءَ لي

ڀاونائن کي ڪويتا ۾ پرگهٽ ڪندي چيو آهي:

وڏا تنهنجي وڏائي آ - ڀلا تنهنجي ڀلائي آ
ڪمي تو ۾ مت نه ڪائي آ - خرابو اڪت المولي.

ڪوي نارائڻداس جي ڪويتا ۾ هڪ امولڪ ڪشش ۽ مڌرتا آهي ۽ ٻاٻاڻن جي جيون جو انوکو چتر چٽي پنهنجي جذبات جو اظهار ڪيو اٿس:

نديءَ ڪان جنهن رانول جي هئي، سڀ ڪان رمز نرالي
سهڻي صورت، موهڻي مورت، هيڏي ڀولي ڀالي.

....

سادگيءَ، شيوا ۽ ستسنگ جو هن سوڳ سيکاريو
ڪام ڪروڌ کي جيتڻ لاءِ هو، پنهنجي من کي ماريو.

ماستر چندر آسنداس داڻي سنڌين جو مقبول ڳائيندڙ ڪلاڪار جي حيثيت رکندي هڪ سٺو گيتڪار به آهي. هن پنهنجي ڪتاب ”ماستر چندر سان رهاڻيون (ڀاڱو ٻيو)“ ۾ ٻاٻاڻن جي جيونيءَ تي ڪويتا لکي پنهنجي جذبن جو ڀلي ڀانت اظهار ڪيو آهي. موجوده ڪتاب ۾ پنهنجي ڪويتا ڪٽڻ جي اجازت ڏيندي ٻي ڪا ڪويتا نه ڏني سکڻ لاءِ هن نمرتا ڀري نوع ۾ لکيو: ”جيڪا سچي سچي خبر هئي، ان شعر ۾ قلمبند ڪئي آهي“؛ ۽ حقيقت رت سنڌس اظهار به اهڙو ئي پڪو آهي، جنهن ان کي شبدن ۾ ٻڌو ٿو اٿائين:

ڪام کي جيت جوانيءَ ۾ ئي ڀائي جتي ستي نمر
ليرون پيتي، نام جپائين، گام ۾ لڪائين ٽيو.

مهراج مولڻ کي مون ٻاڻ سنڌس قلمبند ڪيل گيت ڳائيندو ٻڌو. هن جي گيتن جي هر هڪ شبد ۾ وشواس ۽ گرو درشنيءَ جو عڪس آهي. ٻاٻاڻن ۾ ڪيس صدق هو. گرو

هن ڀاڳ ۾ رحمت هئي ۽ اهائي هن لاءِ برڪت آهي. هن پنهنجي سموري ڏُکن ۾ باباجن جو سمرڻ ڪندي چيو آهي:

پـريـا ٿارو شاهه ٻاڌ ٻون ٿا
ٻاڌ گار تنهن جا آڏو ڦورن ٿا
گهوري وڃان تنهنجي نانءَ
ٻيڙا ٻني لاءِ، مٺيءَ جا، ٻيڙا ٻڌي لاءِ.

معوهر ۽ مٺو واڌوائي ڀائرن کي باباجن 'بابل ڀائر' جو خطاب ڏنو جو هو پنهنجو گيت "مٺا بابل، پيارا بابل، ڪريان توکي ٻاڌ مان پَل پَل" گهڻيءَ سڪ ۽ شردا سان باباجن جي حضوريءَ ۾ وڃي ڳڏجي ڳائيندا هئا. اهو خطاب حاصل ڪري هو ڏاڍو پيا خوش ٿيندا آهن. ڀاءُ مٺو جڏهن جڏهن به باباجن جي ساراهه ۾ گيت ڳائيندو آهي ته ائين لڳندو آهي ته اندر جي پورئل جذبات ڏاڍي صدق ۽ وشواس سان ٻاهر ڪڍي رهيو آهي. اڄ به ٻئي ڀائر جڏهن پيلواڙي ۾ اچندا آهن ته گروءَ جي شيوا ۾ پنهنجو پاڻ وساري ڇڏيندا آهن. بابا شيوا رام جن جي هنن تي سدائين آسيس ٻي رهندي آهي. اهو آهي سندن وشواس، ڇو ته وشواس مان ئي پتا پيندي آهي 'پرڀوءَ لاءِ پياس.' هو اڃا به اڻاپل هئا، جڏهن باباجن هنن لاءِ ٿڌي جل جو لوٽو پنهنجي هٿن سان آڻي ڪين پيڻ لاءِ ڏنو (ڏسو 'سنمک مهجا سپرين'، صفح ٥٥) ۽ اڄ به هو پياسي آهن ۽ ان پياس مٽائڻ لاءِ هر هر پڪاريندا رهندا آهن:

گياني به هري رام، ڌياني به هري رام
لاثاني به هري رام، نوراني به هري رام
پتا به هري رام، ماتا به هري رام

سنگت جي آشيرواد پائيندو آهي. هو پرڀو وس تي ڀيلواڙي
ايندو آهي، پرڀو ۾ رچي روح رهاڻ لاءِ راول جي راهه
۾ ليٽندو آهي، ڳائيندو آهي، پڪاريندو آهي، ٻاڏائيندو
آهي ۽ ان اسٿتيءَ ۾ اگر ڪو ڪانئس پڇي: "ڪشن ڀڳت،
توهين اڃي ويا، "نه هو پيارو مشڪي، هٿ جوڙي جواب
ڏئي: "سائين! اسين نيڻ جي راهه ڏسون ڪين. هن گھڙي
موقعي لاءِ پيا پڇا ڪندا آهيون، سائينجن جي آسيس ونئڻ
لاءِ اهوئي نه موقعو ملي ٿو. مان نه سدائين سندن شيوڪ
در جو خادم، ٻانهو ٻڌو." سندس گيتن مان پڻ اهڙيءَ ئي
ڀاونا جو اظهار ٿئي ٿو:

صبوح سوالي اڀرت والي، جيڪو هن در ايندو
چار پدارٿ علندا تنهنکي، پاڳن وارو ٿيندو
ڪتا ڪيرن جو ملي آنند، ڏٺيءَ سندو ٿئي ڏيان.

نرسي ڀڳت نه رڳو پرڀو ۾ پر هت ڀيلواڙي دربار صاحب
۾ به شروع ۾ اچي رهيو هو ۽ سندس شرڌا ۽ وشواس باباجن
۾ اٽل هو جنهن جو اظهار هن پنهنجي گيت ۾ ڪيو آهي:

تنهنجي ڪٽن جو پار نه پايون،
ڪهڙيون ڳڻي اسين ڳالهيون ٻڌايون.
ٻاجهارل تا توکي ٻاڏايون، پل پل پاند ڳچيءَ ۾ پايون
دل ۾ توهان جي درشن جي آهي تانگهه گھڻي نه تمام
هلي اچ سنت سچا هرورام

ڀاءُ جڳڪرشن ٺاڪرداس گورسهاڻي پنهنجن جذبن جو
اظهار ڪندي باباجن جو نالو اچاريندي گد گد پيو ٿيندو
آهي. باباجن لاءِ سندس ڀڳتيءَ اٿي پرڀو جو روپ ورتو
آهي. باباجن جو نالو سمرڻ وقت هن جي هردي مان مهما
جا موتي نڪري ڌرتي پکڙي ويندا آهن. باباجن جي ه

جي اچانڪ ۾ آهي ته لهندڙ جهوليءَ جي سانت پڻ:

لوهان جي دنيا سان اَڻاڙون ڪري ويا،
نه وسرن ٿيون هرگز لوهان جون ڀلايون.

....

اڄ ٻي آهن، بيشڪ آهن، ڏکڙا ڏوکين جا لاهين
آس وارن جي آس پڄائين، سڀ هنڌ آهه سهاءِ ٻندا.

سوامي رامداس سوامي وشمير ڏسو اڄ هڪ ليجهوي گديءَ جو مالڪ آهي. عمر جي لحاظ کان ننڍو آهي پر وشواس جو تمام پڪو آهي. باباجن جي ورسيءَ جي موقع تي هن باباجن جي استتيءَ ۾ هڪ گيت سندس رچيل ڳائي ٻڌايا جن ۾ هن پنهنجي دل جو صدق ۽ وساهه ڀُني ڇڏيو آهي:

مهر جو مالڪ آهين، سهڻن ۽ سالڪ آهين،
جيڪو لوڪي سڪ سان ڏيائي تنهن جو ڀاڳ وڌائين،
سڀ سان تون نڀاهين.

پوڻ گياني لقمان واريءَ جي گيت ۾ ڀاونائن جي پيت آهي. ساڳيءَ رات شرمتي موهني روپاڻي ۾ جڏهن پلوڙي ۾ 'هري سندر' جو درشن ڪيائين ته سندس ڀاونائون روحاني راهه ۾ اهڙو ته چڪي اٿيون جو هن جي مک مان پنهنجو پاڻ گيت ٿهي ٻاهر نڪتو.

ڀاءُ اشور ناواڻي (مفلس) ته پنهنجي مذاقي ڪوِتا لاءِ مشهور آهي پر هتي باباجن جو جس ڳائي چڱو پاڻ موکيو اٿس.

ڀاءُ ڪوڙو مل ايپچنداڻي ۽ ڀاءُ گوڌو مل ڀاڳيا ۾ پنهنجن رچنائن ۾ باباجن جي صفت سندر شبدن ۾ ڪئي آهي.

آخر ۾ اچي ٿي هن داس جي پيت. جيڪي جذبا دل

گردبو سو هريرام، ٻاهر ۾ هريرام
هري، هري، هري، هري.

ڪٿن واڌواڻي ٻڌهن جي رهت ۽ ڪرت ڪري ساڌو ٻلي لڳندو هجي ۽ هيڻو وشواس اوچ ڪان اوچو آهي. سندس مڌر گيتن مان اهو پيو محسوس ٿئي ته هن پنهنجي جيون ۾ جڏهن پنهنجا جذبا، ڀاؤ ۽ امنگ پرم پياري پرڀوءَ کي آرپي ڇڏيا آهن ته سندس رڳون رباب بڻجي پيون ڳائين: "سٺيا، مٺيا، من ڪيتا ڀاؤ" يعني ته پنهنجي اشٽ ديو جي مهما ٻڌي، ان کي مڃي، ان لاءِ پريم ڌاري، ان ۾ ڌيان لڳائيو ته هو به ڪڏهن وسار نه ڪين. هيءُ ڀاءُ پنهنجا جذبا شعرن رستي ڪٿن ٿو ظاهر ڪري، ان بابت پاڻ چوندو: "نندي هوندي ئي ٿورا ڳورا گيت لکندو هوس. اهڙي شعر لکڻ جي ڀاونا کي دل ۾ نه ساندي پيلواڙي ۾ به هڪ دفعو ڪٿهن ڪاڳر تي پنهي پاڻ پچاڙم ۽ السبت مهنجي ارد گرد وارن دنيوي ڳالهين ۾ پورا هئا. مجاڻ بابا شيوارام جن اچي لنگهيا ۽ سندن هي وچن مهنجي ڪنن تي پيا: 'آيا انهن وهڻ ڪان ڪجهه نه ڪجهه ڪرت ڪرڻو. پيو نه پڇيو نه، ڪجهه لکو وڃي. ڪو گيت ئي جوڙيو. اهو به هڪ من کي ٻڌڻ جو سنو اُپاءُ آهي.' هي وچن اچا به پيا مهنجي ڪنن ۾ گونگائيندا آهن. هڪڙي ڪٿي به هوندو آهيان، جيڪي به هٿ ۾ ايندم ان تي ڪجهه نه ڪجهه لکي پيو دل کي خوش ڪندو آهيان." ونس بابا جن تي رچيل اڪيچار گيت آهن جن مان ڪي چونڊ گيت ڏنا اٿس. سندس امنگن ۾ چڙهندڙ ولر

ٻه اکر

هيءُ گيتن جو مجموعو بابا شيوا رام جن جي آگيا انوسار ۽ سندن ئي آشيرواد سان ٻرهمڻ اڳيان پيش رکجي ٿو. جڏهن پستڪ 'سمڪ منهنجا سپرين' جي تياري پئي ٿي ته بابا شيوا رام جن جا باباڻن جي صفت ۾ ٺاهيل شبد پستڪ ۾ درج ڪرڻ جو وچار اُٿيو ٿيو. پنهنجي اپار ڪرپا سان انهيءَ وچار کي عملي جامو پائڻ جي اجازت ڏيندي فرمايائون ته بهتر ٿيندو ته جن به ٻرهمڻ باباڻن جي ساراهه ۾ واکاڻ ۾ گيت رچيا آهن سي سڀ سنگره ڪري هڪ پستڪ جي روپ ۾ ڇپايا وڃن. پياري ڀاءُ ڪمل پياسيءَ گهڻي اتساهه سان اهو ڪم پاڻ تي هموار ڪيو ۽ گهڻي محنت ڪري ٻوهڪا لکي ٻرهمڻ وٽان آيل مرليس جي مالها تيار منهنجي هٿن ۾ ڏني ۽ ائين هن پستڪ، هري جيون ساهتيه جي ٽين پيٽ، 'سدا سارڻان سپرين' جو جنم ٿيو.

پياري ڪمل پنهنجي پوهڪا ۾ باباڻن جي جيون مان ڪي جهلڪون ڏنيون ۽ شردالو گيت رچيندڙن جي رچنائن تي پنهنجي ٽيڪا ڏئي پستڪ جي سوڀيا وڌائي آهي. شل سندس قدم هن راهه ۾ هردم اڳتي وڌندو رهي!

مان رشي رامدلال جو ٿورائتو آهيان جو هن پنهنجو قيمتي وقت ڏئي هيءُ پستڪ نظر مان ڪڍيو. نه رڳو ايترو پر ڪمل پياسيءَ جو اتساهه وڌائڻ لاءِ هيٺيان ٻه اکر

۽ آهن ان جي پيٽ ڀري اُلر. جيڪي ڀاڻ لڳايو اٿن سو
لکيو اٿم. شل پيٽ قبول پوي. آءُ نه آهيان پياسي سمدن
ٻاجهه جو. شل پياس ڀڄائن ۽ پڪار اُنائي منهنجي اکڙين ۾
اچي واسو ڪن جنن کين نه ڏسي ڪو ڏيهه ۽ آنءُ نه ڏسان
ڪي ڀيو:

پنهنجي اکين جي گهر اندر آڻ ڇڏيو ٿم،
انسن جو عطر لڌس مٿان ڪيڏو نه هاريو ٿم،
ڇپرن کي لڌهنجي لاءِ ٿڌو جونئر ناچيو ٿم،
پنبڻين کي دڪر لاءِ هڪ دربان ٻهاريو ٿم،
لون آءُ، لهه سماءُ، سدا واٽ نهاريان،
بوند بوند لاءِ مان 'پياسي' ٿي پڪاريان.

کمل پياسي

ڀڙوچ،
٢٨ آگسٽ ١٩٧٧.

گڻ گروءَ جا ڳايان



گرو گرنت جا شبد اُچاري، سي سڀ سر ۾ ڳائي،
مکه ۾ ٻاٽي، هاج هٿن سان، ساجن کي سرچائي.

ڪمل پياسي

پڻ لکيائون:

”هر هر واري ڀيراسي ڪري ڪمل کيولراماڻيءَ
هن ٻوڙ پستڪ جو سعيو ڪيو آهي تنهن لاءِ اسين
هنکي ڌنيواد ڏيون ٿا.“

شل اهڙن مها پرشن جي آسيس هردم رهي!

ڀڄائيءَ بہ موکلي اهو لکندي خوشي ٿي ٿئي تہ هن ڀيري پڻ هيءُ پستڪ، باوجود تنگ وقت جي، سندر پرنٽنگ پريس، اجمير جي ملازمن ۽ شري ڪنيالعل ڪرنا جي پوري سهيوگ ملڻ سان باباجن جي شڀ جنم دن (٢١ مانگهہ، برابر ١ مارچ ١٩٧٨) تي پرڪاش ٿي رهيو آهي، جنهن لاءِ ڪين ڌنيواد هجي.

ڀيلواڙا **هاسو جيسارام کيولراماڻي**

۴-۲-۷۸

Printers : Sunder Printing Press, Kaiserganj Ajmer - 305001
Publishers: Shri H. J. Kewalramani, Hari Jivan Sahitya, Hari Shewa Dham, Bhopal Ganj, Bhilwara (Raj.)

سدا ساريان سپرين

بابا شيوارام بابا هريرام صاحب اداسين، پيلواڙا.

(١) راڳ پهاڙي

طرز - لاڙي لپا

ٽل - ٽن گرو ٽن گرو ٽن گرو جي ، بابا هريرام ٽن گرو جي
او ٽن ٽن ٽن گرو هريرام

١. سيني کي جن رستي لڳايو، نام ڏئي پوءِ پرلو وڌايو
سيني کي اچي تار، ستگر، نام جپائڻ جانءِ

٢. سادسنگت کي خوش ڪيائون، رنج نه ڪنهن کي اصل ڏنائون
سڀ جو جيءُ جيار، ستگر، درشن ڪرائڻ جان

٣. درشن ڏيئي دکڙا ڪاٽيج، نام سندو ڪو سکڙو ملائيج
آهن سيئي پياسي، ستگر، پنهنجي صورت ملائڻ جانءِ

٤. داس شيوي جو عرض اگهائيج، چرن ڪمل پنهنجي هردي پسائيج
صورت تنهنجي سونهاري، ستگر، پنهنجو ڌيان ڌرائڻ جانءِ

(٢) راڳ ڀيروي

ٽل - بابا هريرام سنت اداسي، ڪاٽن جم جي ڦاسي

١. بابا صاحب هوئا پاڪ گياني، سندن رهه رهت آهي نشاني
سڀ ڳالهه ڪندا هئا خاصي

٢. باباجن جي چال هئي سادي، سدائين پائين ڏوٽل ڪاڏي
دنيا سمجهندا خاڪ ناسي

٣. ڏنهي چڙهائون جاٽي بڌهي، ايها ڳالهه ڪانهي ڪا ڳجهي،
شيوڪ سڀ هئا پياسي

٤. وڃان پنهنجو اڳئي نهرائون، تاروشاهه ۾ رکائي چڙهيو هئائون
جت سدا هئا هلاسي

٥. داس شيوي لئي مهر ڪيو ڪا، هرهڪ ڳالهه ۾ سائين ليو تا،
توهان جي چرڻن جو آهيان پياسي

(٥) راڳ پيلو

ٽل - بابا هرڀرام سائين هري اوتار آ

١. شهر پرين ۾ ڏيرو وسايو آ،
شيوا ڀڳتن جو جتي پرمل ڀنڊار آ

٢. ڪٿا ڪيرتن جو جتي پرچار آ
ساڌ سنگت جو واهه واهه گلزار آ

٣. دکين جا دک ڪاٽن نام دوائي ڏيئي،
اهو وڏو سندن پراپڪار آ

٤. داس شيوري جو عرض اهوئي،
گرمت دان ڏيو ستگر پيارڻان.

(٦)

طرز - تيري پيار کا آسرا چاهتا هون

ٽل - بابا هرڀرام تنهنجا ٻچڙا آهيون،
تنهنجي چرنن تي سر ٿا نمايون

١. بابا هرڀرام تنهنجي ياد ڪيئي ٿي،
صبوح سوير ۽ سانجهه ڪيئي ٿي
ڪرمن ۾ ٿورا ڪچڙا آهيون

٢. بابا هرڀرام تون پراپڪاري، سڀني کي تو ڏني دلداري
هردم ستگرو توکي ٿا چاهيون

٣. بابا هرڀرام تون سڀ جو والي،
وچن توهان جا ٻالڪي آ عالي
توهان جي در تان نام ٿا پايون

٤. داس شيورو تو سيس نوائي،
شبد سچي جو پوڄا تو پائي،
ڏوهه گناهه بخشيون بخشائي
پنهنجي ستگر کي سيئي ساراهيون

(٣) راڳ آشا

ٽل - ڏنو سمن ٻولم جو ٻول بابا هرڀرام ٻولن ۾
١. هر ڪنهن سان هئن ٻولم جي واڻي،
۽ ڪنهن سان هلن اچاڻي
حقيقت اها جاڻو، سدا شانت رکن من ۾
٢. حياتي ۾ ڪنهن ڪنهن سڃاڻو، پنهان ٻوه سيڻي لي جاڻو
هيئر ڪنهن ڪان لتا وسرن، آهن سڀ ڪنهن جي من ۾
٣. ٻهر اڻن سڀ ڪنهن لي جهجهي،
اها ڪنهن ڪون ڳالهه ڪانهي ڪا ڳجهي
ڪڏهن ۾ ايندا هتا سوالي، ڏيندا هئن ڪوٺيون ٻري ڏن ۾
٤. داس شيوي جو عرض اهو ئي،
توهان جي گود ۾ آهيون سيئي
ندڪي ننگپال لون رکيو، توهان پنهنجي چرنن ۾

(٤) راڳ ڪانرا - ٽين ٽال

ٽل - درشن ڏيو هڪراري،
صورت آهي سونهاري ٻستا لنهنجي
١. درشن سان ئي موکش ملي ٿو،
چت جو آنند الڏهن ٿئي
ٻوه موج ٿئي ئي ساري
٢. بابا هرڀرام ملڻ جي پياس، سيئي پياسين کي آهي آس
جلد اچو هڪراوي
٣. آش الدر ۾ سدا رهي ٿي،
اها صورت روزان روز ڏهري
ٿيندي اچڻ ونل هيڪاري
٤. داس شيوي جي موهي اهائي، اي ڪا آس رکي ۽ ڪا
توهان جي چرنن ڪان ٻلهاري

(١٠) راڳ جوڳيه

ٽل - منهنجو جنم سڌار، وو بابا! نالو مٺو توهان جو

١. بابا توهانجي مهر سان تري پار پئجو
مهر بنا هن جيو جو ڇاڙهو ڪونه ٿيندو
لڌ هين ٻه وڪنڊ سن ٽون، وو بابا! نالو مٺو توهانجو

٢. من ٿو منهنجو سدا ساري، توهان جي درشن کي
ٻيو ڪو ناهي مائٽ منهنجو، توهان کيو پنهنجي کي
ٽڙج من کي ڏيو، وو بابا! نالو مٺو توهان جو

٣. من ۾ توهان جو، تن ۾ توهانجو، ڌن ۾ توهان جو آ
سڀ ڪجهه توهان پنهنجو ڄاڻو، ٻيو نه ڪنهن جو آ
هيو منهنجو سوال، وو بابا! وو بابا! نالو مٺو توهان جو

٤. داس شيوي کي تانگهه اهائي، ٻي ڪا ناهي ڪا
درشن پياسي سدا رهي ٿو واليان ۽ ڏينهان
توهان جي چرنن تان قربان، وو بابا! وو بابا

(١١) راڳ پٽ منجري

ٽل- پنهنجي چرنن جو ڪو ڏسان ڏيو،
مونکي ناهي ڪو آسرو ٻيو

١. توهان جي چرنن تي ڪري ٻوي ٿو،
تن من ڌن ارپن ڪري ٿو
بابا توکؤن سواءِ ڪوئي ناهي منهنجو،
تون ئي منهن جو آسرو

٢. بابا توهان جي صورت سهڻي.
من موهيندڙ مورت موهڻي
آش اندر ۾ اٿم اهائي، ڏيو دان داتار پنهنجو ڪٽي

٣. منهنجي عيبن کي نه ڏسجو ڌڻي،
پنهنجو بالڪ سمجهو پار ڪٽي

(٧) راڳ ڀيروي

ٽل - بابا هرديرام سنت سياڻو، جن جو ڀرين ۾ آهي ٽڪاڻو
١. حليمت جو هار آهي صاحب، گرمت جو گهر آهي صاحب
هئو سؤ روپ سر ساماڻو
٢. ٻنڌارو جيهڙو ڪاپيل آهي، سنت ساڌو سيڪو پيو ڪاڻي
ڪرائن مڪتي جو چاڻو
٣. موهڻي مورت پياري پياري، دلبر بيشڪ آهي دلداري
آهي لعل موتيءَ داڻو
٤. سدا سنتوشي آهي ساجن، طمع ڪنهن ۾ ڪي نا رانجهن
جهڙو مالڪ جو پاڻو
٥. داس شيوو تو سين ٻڌائي آسون اميدون سيئي پڄائي
ڳالهه سچي اها ڄاڻو.

(٨) راڳ توڙي

ٽل :- ڌن ڌن ڌن گرو هرديرام صاحب
١. بابا صاحب پاڻ اوتاري، بيشڪ آهن واهه واهه دلداري
٢. باباجن جي آش اندر ۾، سدا رهي ٿي تن تن ۾
٣. سدائين مونکي آش لوهانجي،
ٻي ڪا ناهي تانگهه ڪنهن جي
٤. داس شيوو تو روئي پڪاري، آهي لوهانجي چرن پٺاري

(٩) راڳ آشا

ٽل - بابا هرديرام هئا سدا اُپڪاري، سيئي ٿي جن مهر ڌاري
١. باباجن جون هيون لک پلاون، ٻاٻي گرو تان وڃان ٻلهاري
٢. بابا ساائين هئو سدا بخشند، ڪلجڳ جا هئا وڏا اوتاري
٣. باباجن ڪي سارو جڳ تو ساري،
ڌيو سيئي ڪي ٻنهجي دلداري
٤. داس شيوي جي مرضي اهائي،
قبول ڪري ٻنهجي رکو چرناري

٥. داس شيوي کي پنهنجو جاڻي،
کيو پنهنجي چرنن جي کاڻي،
سدا انت ۾ ٿيو ساٿي، مان آهيان لوهان جي لماٽي۔

(١٤) راڳ پٽ منجري

ٽل :- مونکي لالکھ آهي لوهان جي چرنن جي،
ٻي کا ناهي پياس کنهن جي
١. مان چرنن لون قربان وڃان، ستگر لو لؤن گھول وڃان
اها مهر کيو سدا ياد رهان، گولي لوهان جي قدمن جي
٢. لوهان جي لالي کي مان ياد کري،
سڙو اوايان لوهان جو ڏيان ڏري
لوهان کون سواء دئا کير کري،
سار لهو پنهنجي پيارن جي
٣. سدا سار اٿر لوهانجي صورت جي،
من موهيندڙ مورت جي
نظر کيو مونتي لن من جي، مري گندي آهيان ڏر جي
٤. داس شيوي جي اها وينتي، وڙلي ڏيو پنهنجي چرنن جي
اهو دان ڏيو پنهنجو بال جاڻي،
اهو رنگ رهي سدا، لعل جي

(١٥) راڳ توڙي

ٽل - ستگر منهنجا ابر اپارا
١. ستگر سڀ جو ٻيڙو تاري، نام ڏئي ٿيو جڳ جياري
٢. ستگور منهنجو سرمور آهي،
ساڌ و گرهستي سڀکو پيو چاهي
٣. ستگر منهنجو بند خلاصي، سڀ سان ڳالهه کندا هئا خاصي
٤. داس شيوي لئي سدا بخشيد، ستگر بابا رکندو لنگ

هر وقت لوهان پنهنجو جاڻي، جو انت وٺي سهائي ٿيو
۴. داس شيوي لي مهر ڪجو، جو انت تائين ساٿي هجو
ڀلا ڀاڳ پاڻان پنهنجي ڪرمن جا،
درشن لئي سدا صورت جو.

(۱۲) راڳ پرڀاتي

ٽل - ايشور روپ شري گرو بابا
سهڻي ڪونڪو چالو ٿي ......
ڪهين ڪهين سچالو لي.
۱. پاڻ دالو دتا ڪندا هئا، دل سڀني جي خوش ڪندا هئا
اسين مورکن ڪين سچالو ٿي.
۲. پرڀات ويلي سوير اٿن، اٿي پنهنجو نام جپن
پوءِ پوءِ ٻين کي اٿارائون ٿي.
۳. ڀهرلن پرمانند ايندو هو، ڪيمتراه ستي شيوا ڪندو هو
آشا نيڪچند ڳائي ٿي.
۴. داس شيوي لي مهر سدن، منهنجي آهي سدا ونڊن
سدائين پنهنجي مهر ڪيائون ٿي.

(۱۳) راڳ ڀيروي

ٽل - بابا هر رام آءُ آئون، دکڙا درد مٽاءِ لون
بابا هرڙا ڏيئي بچاءِ لون.
۱. پنهنجي هٿن سان شيوا ڪن، سدائين مک سان پاٺي پڙهن
اهو وڏو اپڪار سندن، انسان اوتار هئا
۲. پاڻ پنهنجي داسن لي، مهر جي نظر هٿن پاڻهن لي
پر ڪيائون لي خيال سڀني لي، جاڻي جاڻڻهار هئا
۳. گرو ٻڌي پيا داس سڏائن، پاڻي پڙي واري ڪارڪمائن
پنهنجي داسن کون پڻ شيوا ڪرائن،
گرو لوهان سان ساٿ هئا

(١٨)

طرز- گهٽا گهن گهور گهور

ٽل- ڌن گرو هريرام، ڌن ڌن آهيو

١. سنگي توهان کي سدا سارن، توهان جي درشن کي
هر گهڙيءَ پيا خيال ڊوڙائن توهان جي صورت تي
سر درشن ڏيئي وڃو، مجهل من کولي وڃو
دلالو سدا آهيو

٢. ساراهه ڪري لٿا ٻاهن، توهان جي صورت تان
ٻل ٻل پيا خيال ڊوڙائن، پنهنجي پيارن تان
پر سچو خيال ڏيئي وڃو، نام جپائي وڃو
پريسو من تارهو

٣. ٻالا ٻاڳي اسين سمجهون پنهنجي ڪرمن جا
اسان سينئي درشن ڪري تيون چڱن خيالن جا
ڪروڙ ڪٽي وڃو، موهه مٽائي وڃو
ايشور روپ آهيو

٤. اوکي ٻه رکندا، سوکي ٻه رکندا، رکندا سڀ ڪنهن کان
تن من ڌن ارپڻ ڪريان، توهان جي چرنن تان
سدا توهين تاري وڃو، داس شيوي کي سداري وڃو
انت ٻه سهائي آهيو

(١٩) راڳ ڪلياڻ

ٽل- تون منهنجو آهين اڌار ٻريو جي.

١. آڌار ڏيئي پاڻ سيارهو، سنسار سمنڊ کان سائين تارهو
٢. داس سمجهي ٻانهن جيارهو، جيءُ جياري تن من تارهو
٣. ماتا ٻه توهين، پتا ٻه توهين، سو توهين جيءَ جيارهو
٤. داس شيوي جا گرو توهان آهيو، آهيو اُپر اُپارو

(۱۶)

طرز- اي من سندر آڻيا

ٽل - اهو من ساري سنڀاري تون، باباجن جي چرنن کي

۱. ٻار پنهنجي هٿن سان، ساري سنڀاري سنڌاري ويا
پر تن وچان توهان جي ناتو ٽان،
جو سنڌاريو پنهنجي داس کي

۲. داس پنهنجو ٻار سان، سدا هردم رکو خيال سان
هيءُ اڻ ڄاڻ توهان جي سرن ۾، پيو ڪو ناهي خيال پاڻ کي

۳. اٺئي پهر توهانکي ياد ڪري،
رکي مورت من ۾ ڌيان ڌري
پر مورت صورت ساڻ هجي، ناس ڪري سڀ دردکي

۴. داس شيوي کي نا وساريو، هٿڙا ڏئي ٻار بچايو
پر هون ۽ ناهي چاڙهو منهنجو، پکڙي توهان جي چرنن کي

(۱۷)

طرز- خاموش نگاهين

ٽل - ڇا لکان ساراهه پريو، منهنجي ڇا لکان
توهان جي مهر جي سدا آهي مونتي نگاهه، ڇا ....

۱. واليان ۾ ڏينهن گذاريون توهان جي نظر ۾،
تارڻ وارا توهين ڏٺي
ٻئي جي ناهي نگاهه. ڇا ...

۲. پت به توهين، گت به توهين، ڌن به توهين آهيو،
تن به توهان کي ساري، رهي سدا توهان جي چاهه. ڇا لکان

۳. چت چرنن ۾ ارپڻ ڪري، سر توهان تو سدا
خيال ناهي ڪوئي پيو، ڏيو سدائين راهه. ڇا لکان ...

۴. بالڪ سمجهي پنهنجو، سدا رکو نظر ۾
داس شيوي جو اهو ئي خيال،
سدا ڏيو پنهنجي پناهه، ڇا لکا ....

(٢٣) راڳ ڀيروي

ٽل - بابل تون آهين وڏو مهنجو سيٺ
ننڍڪ رکندين تون نيٺ

١. سينيون دنيا ۾ گهڻيئي هوندا، وڻج واپاري سرتين هوندا،
مهنجي ناهي ٻئي ساڻ ڏيٺ وٺ

٢. آهي تنهنجي سهڻي صورت، آهي من جي موهڻي مورت
مداحون سڀ جون منٿ

٣. مال خزانا گهڻيئي ڏيندا، ڌن پدارٿ سوڀئي ڏيندا
نام ڏيندين تون نيٺ

٤. داس شيو تو روئي پڪاري
آهيون توهان جي چرن پڄاري
ڪندين تون سڀ جي چيٽ

(٢٤) راڳ ڀيروي

طرز- گهر آيا ميرا پرديسي

ٽل - بابا هرنام تون ئي سهاءِ، پياسين کي تون درشن ڪراءِ

١. سنگت سهڻي در تي آئي، سڀني جي گروءَ آس پڄائي
آس وندن جو تون سهاءِ

٢. جتي ڪٿي مان توکي ٻونديسان
هردي اندر سنگ سانڍيسان
پنهنجي چرنن ۾ ڏيندين جاءِ

٣. پاڳ چڱو مان پايان تو، ملي سنگت سان پڪاريان تو
داس شيو جي اهائي واءِ، هردم تنهنجين لون ئي سهاءِ

(٢٠) راڳ ڪلياڻ

ٽل - لعل آهيو ٻرپو لعلنا ، گرو مهنجو سدا آهي لعل
ڪاٽي جم جو ڪالنان

١. ٻاڻ سڌاري ، ٻاڻ جياري ، ٻاڻهي ٻرپو تارڻان
٢. آپو ٻرپو سدا آپو ، ڪوٽا ڪرم نوارنا
٣. ڪهڙي وڏائي ڳڻيان ستگر جي ، ستگر سوپا ڪرنا
٤. داس شيوي ڪي سدا ڏيو درشن ،
توهان جو درشن من ڪري ٻرشن، چت چرڻن ۾ جوڙنا .

(٢١) راڳ ڪلياڻ ٽين ٽال

ٽل - ٻابا تنجو سهاءِ گرو جي .

١. سچا ستگرو پران آڌارا، تن وچان توهانجي نانءُ
٢. نانءُ نيشان آهي توهانجو، توهان جو ناءُ تپاءِ
٣. ڀل چوڪ بخشڻهار آهيو، خالق مالڪ آهه
٤. ٻابا هرنرام همت ڏيو ڪا، تيو شيوي تي سهاءِ .

(٢٢) راڳ ڀيروي ٽِلوارا

ٽل - ستگر تنهنجي جهولي ۾ ڌاسي ٻنجائونگي

١. تن توهان جون کاٽيون ، ڌن توهان جون ٻاٽيون
تن سدا آهيو، چرنا امرت پيئونگي
٢. گيان جي گودڙي ٻهري ، ڪميا جي ٻولي ٻائي
ننت جي سيلي ڪٽي ، سنت ٻچائونگي
٣. جت جو آڙ ٻڌي ، سيل لنگوٽي ٻهري
اڪال جي مورت من ۾ ، ڌيان لڳائونگي
٤. داس شيوي تي مهر ڪيو ڪا
جنم جنم ڪي ڦاسي ڪٽ جائونگي .

۴. بابا هرنرام، بابا ڪرپارام، بابا منيرام، بابا آلمارام،
بابا سرسچند کي ٿـ ساراهيون. بابا ......

۵. جوڙي هٿڙا ڪرن اڳيان، سڪ شرڌا سان سڀڏن اڳيان،
ملي آرداسون پاهون. بابا ......

۶. ايڪادشي آهي پاڪن واري،
ملي اچي سنگت ساري،
ڏهه اندريون ٻار هون من ملائون. بابا ......

(٢٥)

ٽل - مهنجا ستگر ڏسن ڏيال، سدا ڪرپال، پرڀا شهر وارا،
بابا هرڀرام سڀ سهارا ....

١. جلدي شهر کي جهنگل وساهو تو،
۽ جهنگل ۾ منگل مانيو تو،
سنتوڙ سردي گرمي پوءِ سدا کي پار، بابا هرڀرام ....

٢. تو انتر مک ابهاس ڪيو،
ماري ڪام ڪروڌ کي ناس ڪيو،
ڀڳت ڏروءِ ابرو ڏيان کي ڏاڍي وارا، بابا هرڀرام ....

٣. گرو واس مثل وڏوان هئين،
گڻ گيان هوندي نرماڻ هئين،
گرو گيان غريبي ڀڳتيءَ جا ڀنڊار، بابا هرڀرام ...

٤. شيوا داس کي گيان ٻڌايو تو ۽ اوم جو جاپ جپايو تو،
توکي پوڄي سيکان پرڀو جون ڪرن پڪار،
بابا هرڀرام ....

(٢٦)

طرز- بابا من کي آکين کول
ٽل - بابا ميڇر پوڄ لڳايون
مرچ مصالح سونف تڻي سرها
مصري لڻهن ۾ ملايون. بابا ....

١. سلاوٽي ۽ ڏنڊا ڪوندا، پريم سان سيئي گهوٽن گهوٽا،
پوءِ صاف صافي ۾ ڇاڻيون. بابا ....

٢. پنج تڻي صافا، پنج پيالا، پنج پوڄاري لڌهجا چيلا،
اڳيان رکي سرڙو جهڪايون. بابا ....

٣. واس ڏوپ ۽ جوت جڳائي،
سنگت توهانجا گڻ پئي ڳائي،
گر ماڻرا آرتيون اُتارون. بابا ....

٣. ڪڪ ڪڪ ۾ لکندي، هر ڪڪ ۾ راز هو،
شاعر جي شاعري، انهدي آواز هو،
چارئي ويد ڇهئي، شاستر مک ۾ سمايا.

٤. رهڻي هئي سادي سودي، اوچو ويچار هو،
هردم گرباڻي مک ۾ شيوا سان پيار هو،
اهڙي ٻالڪ کي آءٌ، ٻلي نا ڀُلايان.

٥. گنگاداس ٽارو شاهه ۾ مونکي سمجهائي ويا،
سدا نرمل رهجي، باغ ۾ ٻڌائي ويا،
مونکي ياد آهن، مان نه ياد آهيان.

(٣) رنگ رُچائي ويا

بابا هريرام سائين موج مچائي ويا،
موج مچائي ويا، رنگڙا رچائي ويا.

١. پرين ۾ لڳندي دربار هئي عالي،
آيو جو سوالي، ويو ڪين خالي،
ڦٽل جي وڻاڻ، واڙهو وسائي ويا.

٢. ايشور جو روپ وني، اوتار آئين،
ڏن ڏن مات پتا، جن جي گهر جائين،
رنگا رچائي وئين، روئندا ڪلائي وئين.

٣. پريا دربار ڪڍهن، ٽاروشاهه ڏيرو،
پوڄ مان پوڄين پئي پالو آئي پيرو،
ڏيرج ڌرم جو، ڏاڪو جمائي وئين.

٤. سڀي سور سڻيون، پريو کي پالو،
ٽرئين ياڳ، ٻين کي ڪناري تي لاٿو،
گنگاداس گيان ڏيئي، گرمک بڻائي وئين.

سوامي گنگاداس، ڀوپال.

هريءَ ۾ سمايا

بابا هرداسرام سائين هريءَ ۾ سمايا،
بابا شيوارام ۾ پنهنجي ٽلٽيٽون ڪايا.

١. هزارين پريمي اچي پير نمائين،
لکن جا تين هيٺ تا لايا سڄايا.

٢. جنهن جون جاءِ ڏين ڪُس نا ڪوري،
ڀلي ڀاڳ اهڙا، ستگر ملايا.

٣. چرنا جي، سوان تو ڏيا ڪيترا ئي،
ويا غم انهن جا، تو روئندا کلايا.

٤. ڏن من ۾ ڏن جي ڪري جي دکي هئا،
مٽين ۾ دکڙا انهن جا مٽايا.

٥. ڪندا شال ڪرپا، تي رهجي اچي شل،
گنگاداس وينٿو، تنهنجا گيت ڳايان.

(٢) شرن هريءَ

جيڪي ڏٺو هو مون، اهو تو ٻڌايان،
بابا هررام جا گڻ، نوا نوا ڳايان.

١. نور نوراني هئا، بابا برهم گياني هئا،
ڏروءَ جيان ڌياني هئا، لال لاثاني هئا،
ساڪ پرماتما جو وٽي اوتار آيا.

٢. نهاري سکهي نا ڪوني. اهڙو ليج اکڙن ۾.
پرمن ۽ سلسن خاطر، جيئن شيهن پکڙن ۾،
هزارن لکن ۾، مُت ٻيو نه پايان.

(٧)

پڇيو پڙهن: "ڏيئن ملندو شيام"، ڇپائون: شيوا ڪيو سڀ جام،
شيوا مان ٿو ملي آرام، شيوا ڪري ٿيو شيوارام،
ان سڄڻ اڳيان سر ٿا نمائون.

راڳ ڀيروي

(٢) جنتي پُرش

ٿلهه:- ڌن ڌن جنتي پرش هريرام،
شيوا مان جنهن ميوا پاتا سوامي شيوارام.

١. پڪو ڀڳت ۾ پولانات جنهن پيچ ڪري آهو،
اننُ رام جي گهر ۾ بابل نيچ ڪري جاهو،
پتا جنهنجو مهاپرش هو، سمري ولو شيام،
ڌن ڌن جنتي پرش هريرام.

٢. پوڻن ۾ بابا سائين، واهه تنهنجي دربار،
سڄڻ جي هٿي ڏوڙي آئي مهما اپرآپار،
سوالي خالي ڪين ولو ٿي، ماڻهو آيا جام،
ڌن ڌن جنتي پرش هريرام.

٣. ٿارو شاهه ۾ بابل تنهنجي باغن جي نه پار،
انب نارنگيون توت ۽ ليما، ڪيان جي نه قطار،
مرچ مصالح تنهنجي پوک جا، آئن جا نه گدام،
ڌن ڌن جنتي پرش هريرام.

٤. هتي نه هالو پيلواڙي جي باغن جون ڪائو پاڇيون،
آڪاڙ ميلي ۾ سائين شيوارام، آئي هيون آنديون،
وامدپال سڌ جون سڪون لاهي پيلواڙي جو ڳام،
ڌن ڌن جنتي پرش هريرام.

رشي رام ديال، ڪشن ڳڙهه.

سنتن جا ڳُڻ

(١)

سنت آتمارام اداسي، اصل آستان پريان واسي،
رام ڀڄين ايڪانت نواسي، ميرام جون ڏنيائون چوراسي،
تن سنتن جون ڳڻ ڳائون وساهون.

(٢)

سنت ميرام موُج مچائي، لِهولاڻ سان واهه جا لائي،
ڪرپارام ٿي ڪرپا ڪيائين، ان ۾ پنهنجي جوت وڌائين،
ڀاڻ وڃي ونڪنت وسائون.

(٣)

ٽڏوُرام سائين هو سوڀارو، سنت سچو هو شانتيءَ وارو،
لال اڪل هو لياقت وارو، گهر ۾ رهي ڀي هو ڳڻ وارو،
ڀرمي ڪئين هٿا مڙدءَ ماڻهون.

(٤)

تنهنجي گهر ۾ وئي اولاد، جانو ڀاڄارو هڪ ڀار،
چوڻ لڳ چند کيو چمڪار، شهر سڄي ۾ ٿيو جئڪار،
گهر گهر ڀوڳ ورلهون واڌائون.

(٥)

ڪرپا وٺ لاءِ ٻالڪ آيو، ڪرپارام سائينءَ هٿڙو گهمايو،
چاهه مڃهان تنهن چيلو بڻايو، سائين هرڀرام نالو رکايو،
مُڪتي، ڀڳتي، جڳتي ڏنائون.

(٦)

ٻال اٿي، ٻوڳي، برهمچاري، صورت جنهنجي هئي سوچاري،
ڪرڻ ڪرائڻ ۾ اُپڪاري، ڀاڳن مڃهه ڪيائون ڀاري،
سوالين جون تڙون سڀيئي سٺاهون.

سِڌن جون سماڌيون



جاڳي جن ياد ڪيو ساري رات سبحان
ان جو عبداللطيف چوي مٽيءَ ۾ لڌو مان
ڪروڙن ڪن سلام اچي آسڻ ان جي .

(پنائي گهوٽ)

راڳ ٽلنگ ڪوهياري

(۳) سڌن جون سماڌيون

طرز- اڄھي شال اهڙا اڱڻ ٿي ٻهاريان
ٽل - پيلواڙي وسي واهون سڌن جون سماڌيون
پرسان ٿي ڌرم سال ۾ ٿين پيون شاديون .

۱. آسارام صاحب پرڻن ۾ آيو
پھرين پالشاهيءَ پهريون جهنڊو جھولايو
انهيءَ گروءَ وسايون پهرين هي گاديون .

۲. ميرام صاحب من کي هو جيتيو
'من جيتي جڳ جيت'، اهو امرت هو پيتو
انهيءَ ئي امرت جون پريل هيون ناديون .

۳. ڪرپارام صاحب ڪئين روڳ مٽايا
ڏوڙي جي چمٽي سان ڪئين جن ڀڄايا
ٻچايائون ڪئين بند ٿيل بانديون .

۴. هرداسرام بابل ڪئين باغ بڻايا
نئون ڏسھن ۾ ڪيئي رنگ رچايا
لوپي ٿن ٿي پائيندا ڏڪا ڪاٿيون .

۵. شيوارام صاحب هئيءَ آهي رنگ رچايو
پيلواڙي جي باغن ۾ پهرين جهنڊو جھولايو
رام ڏيال سان وهم جون ڪيدا آهن وانديون .

لالا نارائڻ گو، سنتنا.

راڳ ڪلياڻ

خلق جو خالق

ٽال:- بابا هر هر پار ڪهڙي در تي جهلي بيٺا آهيون جهولي،
ڪري ڪا پاڇ پاڇارا، پوڻ جي ڪيو سدا سولي.
١. وڏا ڪهڙي وڏائي آ، ڀلا ڪهڙي ڀلائي آ،
ڪمي ڪر وقت نه ڪائي آ، خزانو اکٽ انمولي.
٢. جوڙي هٿڙا منٿون ٿا، سدا سرڙو نمايون ٿا،
ڪهڙا گڻ گيت ڳايون ٿا، ٻڌائڻ ڪا مٺي ٻولي.
٣. آهين تون مهر جو مالڪ، آهين تون خلق جو خالق،
اسين آهيون سڀئي ٻالڪ، لالا ناراڻ سنگ ٽولي.

ماستر چندر آسنداس داني، بمبئي.

شعر

بابا هر ڀرام

ديش پنجاب کان آيو جوڳي، آسر رام اداسي،
هالن ڳوٺ کان گهمندي گهمندي؛ ٿيو اچي پريا نواسي.
ڪنيا ناهي ونئو ورڪت، وسد جڳات جو وادي،
آسر رام کان پوءِ اچي منيرام وسائي گادي.
شيرا ڀائي جوڳ ڪمائي، ام جپيو جنهن جاڳي،
تنهن کان پوءِ گديءَ تي آيو، ڪرپارام وراڳي.
هڪ ڏينهن ڪرپارام سنگت سان پنگو ڀهڙ جيئن آيو،
نام جي پياري ڀڳت اڏول سڪ سان سيس نمايو،
بال سندس جيوت جو منڪ، ڏسندي آسن فرمايو،
ڏيءُ بالڪ جي لڳي اُو جوڳي، هن کي ساڌ بڻايو.
پڙهندي 'هلهار' چئي، جهٽ پٽ ساڌن کي ڏنائين،
سنت جيوت مان نالو ڦيري، هرسرام رکيائين.
پنگو ڀهڙ ۾ ارڙهن سو، انهتر عيسوي جائو،
ڪرپارام جي ڪرپا سان وڃي، جوڳيءَ جوڳ ڪمايو.
ڪرپارام به ڪري ڪمائي، وڃي مهالي ماڻي،
هرسرام گاديءَ تي ويهي، پڙهي گرن جي ٻاڻي.
ڪام اَسي جيت جوانيءَ ۾ ڀي پائي جتي سڀي ٿيو،
ليوٽ پيٽي، نام جپائين، گام ۾ لڪائتي ٿيو.
ڪئين چيلا آيا چرن ۾، سڀني ڪئي جدائي،
تنهن کان پوءِ آ شيوارام ٿي پورن ڪئي ڪمائي.
برهم چڙهيو ٿيو برهم لين، گديءَ شيوارام وهاري،
سنڌڙي ٿي وڃي ڏار، هه شيوارام آيو پيلواڙي.
ساڳي رهڻي، ساڳي ڪهڻي، ساڳيو ترب ڪماليت،
بابا شيوارام ۾ آهي ساڳي، 'چندر' اهڙا امانت.

ڪوي نارائڻداس، ڀورولي.

راڳ ڀيروي

هليو ويو هريرام

ٽُل:- نام هريءَ جو جپي جپائي - هليو ويو هريرام،
ڀرما شهر جو مهنت موچارو - هليو ويو هري ڌام.

(١)

اڌيڪاڻ جيئن راڻول جي هئي، سڀ کان وڌ نرالي،
سهڻي صورت، موهڻي مورت، هيڏي ڀولي ڀالي،
ڇوري ۾ جنهن جي نه چمڪي، سڄڻ سدا خوشحالي،
خود مستيءَ ۾ مست هئا، ڌيان وڃي صبوح يا شام،
نام هريءَ جو جپي جپائي، هليو ويو هريرام.

(٢)

سادگيءَ، شيوا ۽ ستسنگ جو هن سبق سيکاريو،
ڪام ڪروڌ کي جيتڻ لاءِ هو، ڀڳتيءَ من کي ماريو،
